# جيڪڏهن...

## رُڊيارڊ ڪِپلنگ / رسول بخش پليجو

[رڊيارڊ ڪپلنگ جي مشهور نظم ”اِف“ (IF) جو ترجمو. جنهن ۾ هڪ پيءُ طرفان پٽ کي نصيحت ڪيل آهي. هي نظم دنيا جي لاتعداد ٻولين ۾ ترجمو ٿيل آهي. پڇاڙيءَ ۾ انگريزي نظم بہ ڏنل آهي.]

”جيڪڏهن
ان وقت جڏهن،
تنهنجي چوڌاري سڀ ماڻهو پنهنجا حواس وڃائي ويهي رهن ۽ سڀ سڄو ڏوهہ توتي مڙهين،
تون پنهنجا هوش حواس سلامت رکين،
جيڪڏهن ان وقت،
جڏهن سڀ ماڻهو توتي ڀروسو نہ ڪن،
تڏهن تون پنهنجو پاڻ تي ڀروسو قائم رکين،
۽ سندن شڪن شبهن لاءِ ڪين ڏوهہ نہ ڏين،
جيڪڏهن تون انتظار ڪري سگهين،
۽ انتظار ڪندي ٿڪي نہ پوين،
جيڪڏهن ماڻهن جون تنهنجي باري ۾ ڪيل ڪوڙيون ڳالهيون ٻڌي،
تون پاڻ بہ ڪوڙن هٿڻ ۾ نہ پئجي وڃين:
جيڪڏهن نفرت نہ ڪرڻ لڳين،
۽ ان چڱيءَ سوچ سبب پاڻ کي اجايو نيڪ نہ سمجهڻ لڳين،
اهڙيون ڳالهيون نہ ڪرڻ لڳين،
جن مان ڏاهپ جو ڪوڙو ڏيکاءُ نظر اچي:
جيڪڏهن تون خواب لهي سگهين

۽ خوابن کي پاڻ تي سوار نہ ڪري ڇڏين،
جيڪڏهن تون سوچي سگهين
۽ رڳو سوچيندي ئي رهڻ کي پنهنجو مقصد نہ بنائي ڇڏين
جيڪڏهن تون سوڀ توڙي شڪست سان ملين
۽ ٻنهي ٻهروپين سان هڪ جهڙي هلت هلين؛
جيڪڏهن تون اها ڳالهہ برداشت ڪري سگهين
تہ تو جيڪو سچ ڳالهايو آهي،
تنهن کي بدمعاش ماڻهو ٿوڙي مروڙي،
ان مان احمقن کي برغلائڻ لاءِ ڪوڙڪي بنائي ڇڏين؛
جيڪڏهن
تنهنجي ڏسندي ڏسندي،
اهي سموريون شيون ۽ ڳالهيون
جن کي ناهڻ ۽ بنائڻ لاءِ تو پنهنجي سموري
زندگي ڏني آهي،
سي سڀ ڀڃي ڀور ڀور ٿي پون،
۽ تون هيٺ جهڪي پنهنجي ڳنل ۽ ڪَٽيل اوزارن سان،
انهن کي وري اڏي وجهين،
جيڪڏهن،
تو زندگيءَ جي راند ۾ هيسيتائين جيڪي بہ ڪجهہ کٽيو آهي،
ان سموري کٽئي کي ڳڏي سڏي،
ان کي هڪڙي ئي داءَ تي لڳائي ڇڏين،
۽ هارائي وجهين،
۽ وري الف کان وٺي نئين سر راند شروع ڪرين،
۽ ڪنهن سان بہ پنهنجي ان نقصان بابت
ٻڙڪ بہ ٻاهر نہ ڪڍين؛
جيڪڏهن
تون پنهنجي دل کي، پنهنجي اعصابن کي ۽ پنهنجي بدن جي مشڪن کي
مجبور ڪرين،

ته اهي جڏهن صفا ختم ٿي ويا هجن،
۽ جڏهن تو ۾ سواءِ مضبوط ارادي جي،
جيڪو توکي پيو چوي ته: ”متان هٿ ڪڍين!“
تو وٽ ٻي رتيءَ جيتري به پهچ نه رهي هجي،
تڏهن جيڪڏهن تنهنجو چيو مڃي،
تنهنجي دل، تنهنجا اعصاب ۽ تنهنجون مشڪون،
جنهن شيءِ کي مضبوطيءَ سان جهلٽو آهي،
تنهن مان هٿ نه ڪڍن ۽ ان سان چُهٽا پيا هجن،
جيڪڏهن،
تون جڏهن ماڻهن جي ميڙاڪن سان ڳالهائين
تڏهن پنهنجون شرافتون برقرار رکين؛
جيڪڏهن
تون بادشاهن سان هٿ ۾ هٿ ڏيئي گهمين
۽ مسڪينن سان ياري قائم رکي سگهين؛
جيڪڏهن توکي نه دشمن، نه پيار ڪندڙ دوست ڪو دلي صدمو ڏيئي سگهن؛
جيڪڏهن هڪڙي بخش نه ڪندڙ منٽ ۾ ڊوڙ پائي،
تون ان ۾ سٺ سيڪنڊن جي ملهه جيترو فاصلو طئي ڪري ان منٽ کي سئو سيڪڙو سجايو ڪري سگهين؛
ته پوءِ هي ڌرتي تنهنجي آهي،
۽ ان ۾جيڪي ڪجهه آهي سو تنهنجو آهي
۽ منهنجا پٽ!
وڏي ڳالهه اها،
ته پوءِ تون سچ پچ مڙس ماڻهو بنجي ويندين!“

# If

## Rudyard Kipling

If you can keep your head when all about you
Are losing theirs and blaming it on you;
If you can trust yourself when all men doubt you,
But make allowance for their doubting too;
If you can wait and not be tired by waiting,
Or being lied about, don't deal in lies,
Or being hated don't give way to hating,
And yet don't look too good, nor talk too wise:
If you can dream--and not make dreams your master;
If you can think--and not make thoughts your aim;
If you can meet with Triumph and Disaster
And treat those two impostors just the same;
If you can bear to hear the truth you've spoken
Twisted by knaves to make a trap for fools,
Or watch the things you gave your life to, broken,
And stoop and build 'em up with worn-out tools:
If you can make one heap of all your winnings
And risk it on one turn of pitch-and-toss,
And lose, and start again at your beginnings
And never breathe a word about your loss;
If you can force your heart and nerve and sinew
To serve your turn long after they are gone.

And so hold on when there is nothing in you
Except the Will which says to them: 'Hold on!'
If you can talk with crowds and keep your virtue,
Or walk with Kings--nor lose the common touch;
If neither foes nor loving friends can hurt you,
If all men count with you, but none too much;
If you can fill the unforgiving minute
With sixty seconds' worth of distance run,
Yours is the Earth and everything that's in it,
And--which is more--you'll be a Man, my son!

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books